
# سوڀو گيانچنداڻي

## آزاديءَ جو سپاهي



Sobho Gyanchandani
Freedom Fighter

تاريخ ، سنڌ جي سائي ستابي سر زمين سان اَهڙو ته وڏي ۾ وڏو سانحو ڪيو، جو اُتان جي رهندڙ سپاجهڙن سنڌين ڪڏهن به سُک جي ننڊ ڪونه ڪئي! ڪڏهن ايران ۽ اَفغانستان اَچي رت جون نديون وهايون ته ڪڏهن يونان ۽ مغرب جي حملہ آ ورن اُن کي ڊاهي ناس ڪري ڇڏيو!

وشال هندوستان کي هزاره سالن جو سفر طئہ ڪندي ويهين صديءَ جي اَڌ ڌاري آزادي نصيب ٿي. پوءِ به اُن کان اَڌ صدي اڳتي وڌڻ باوجود سنڌ ۽ سنڌ جي ڏيهي ماڻهن اَجا تائين سک جو ساه ڪونہ کنيو. جدوجهد ڪندي ڪندي ڪيترن قوم پرست سنڌين راه رباني ورتي، ته ڪي اَڄ به نئين سج اُڀرڻ جي آس ۾ اُفق ڏانهن واجهائي رهيا آهن.

هڪ اَهڙي شخصيت ، جنهن نہ صرف آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ڀاڱ ورتو، پر هُن سنڌ ۾ رهندي اَڄ به اُن جي ذري ذري سان بي پناه محبت ڪئي آهي. هيءُ آهي اهڙي شخصيت جو مالڪ. سوڀو گيانچنداڻي!

**جوَهراڻي:** **سائين! اَوهان جو هن اَنجمن ۾ سواگت آهي! سڀ کان پهرين اَسين اِهو ڄاڻڻ چاهينداسين ته ورهاڱي کان اَڳ توهان جا بزرگ سنڌ جي ڪهڙي حصي سان وابسته هئا؟**

**سوڀو:** مان لاڙڪاڻه ضلعي ۾ ’موهن جو دڙو‘ جي سامهون، جتي وچ تي دادو ڪئنال ٿي پوي، اُتي ’بندي‘ ڳوٺ ۾ ڄائو هوس. منهنجا وڏا ڪنهن زماني ۾ شايد ڪنديارو ۾ رهندا هئا، جتان پوءِ لڏي اَچي بنديءَ ۾ دوڪان کوليائون. ڳوٺ جي ماڻهن سندن آجيان ڪئي؛ ڇو جو اُن کان اَڳ اُتي ڪو دوڪان ئي ڪونه هئو.

١٩٠١ع ۾ اَنگريزن هڪ قانون پاس ڪيو، ته هندو پنهنجي قرض جي عيوض زميون وٺي سگهن ٿا، جنهن لاءِ اَڳ منع ڪيل هئي. تڏهن اَسان جي وڏن زمينون وٺڻ شروع ڪيون. اَسان کي پنهنجن اَبن ڏاڏن کان جيڪي زمينون هيون، سي هيون ڀِر واري ’ٻگي‘ ڳوٺ ۾؛ جتي ’اَبڙي پوٽا‘ زميندار هوندا هئا؛ جيڪي بيحد فضول خرچ هئا. هنن ڪجهه قرض ڪنيا هئا. اَسان جي وڏن، پنهنجي ڳوٺ جي ماڻهن کان ڪابه زمين ڪونه ورتي، پر هنن اُهي زمينون اَبڙي پوٽن کان ئي ورتيون، ڇو ته هوُ شاه خرچ هوندا هئا.

مونکي ياد آهي ته منهنجي ڏاڏي وٽ ڪڏهن ڪو وڏو ماڻهو يا ڪو صاحب ايندو هئو. مثال طور ڪو صاحب سنڌي اِمتحان وٺڻ اِيندو هئو ۽ وڏيري کي سڏ ڏيندو هئو، ته اُن جي سلوار ۽ پٽڪو به ڏاڏي وٽ گروي رکيل هوندا هئا، جيڪو هوُ صبح سان ڪڍي کيس موڪليندو هو. بعد ۾ وري اُهو وڏيرو شام جو چندي ڦوڪي موٽائي موڪليندو هئو. هڪ ڪرسي، جنهن ۾ چاندي لڳل هئي، اُها پڻ اَسان وٽ گروي رکيل هئي. اُن لحاظ کان اِئين ڪٿي ڇئو ته اَسان جا وڏا نفع خور هئا، پر اَسان جو ’گيانچنداڻي‘ خاندان جنهن ۾ منهنجي پيتا جو اُصول هوندو هئو ته هوُ وياج خوري ڪونه ڪندو. مونکي ياد ٿو پوي ته مان ڪڏهن ڪڏهن وياج خوريءَ جي ڳالهه تي ڏاڏي سان وڙهندو هوس ته توهين هارين کي ڇو ٿا آزاريو ۽ اِن نموني ٢١ ورهين جي عمر ۾ ئي منهنجي سوچ ڪميونسٽن جهڙي هئي.

**جوَهراڻي: توهان کي ’موهن جو دڙو‘ جون ڪهڙيون يادگيريون آهن؟**

**سوڀو:** مون ’موهن جو دڙو‘ کي ستن ورهين جي عمر کان ڏٺو آهي. جڏهن اَسان کي اِسڪول ۾ ماستر ٻڌايو تہ اُتي کوٽائي پيئي هلي. شروعاتي کوٽائي جيڪا مسٽر بئنرجيءَ ڪئي هئي، اُها اَسين ڏسڻ وياسين. اُن مهل کان مون پنهنجن وڏن کان سوال پڇڻ شروع ڪيا تہ هي ڪنهن جا نشان آهن. هنن ٻڌايو تہ هتي ڪنهن زماني ۾ وڏو شهر هوندو هئو. وقتي وقتي ڪڏهن مينهن پوندو هئو تہ ماڻهن کي اِيندي ويندي اُتي سون جا زيور ۽ نڪر جا ٿانو ملندا هئا. اُن ڪري مونکي بہ چاهہ ٿيو. ٻيو تہ ’موهن جو دڙو‘ جو صاحب جيڪو ’مئڪيِ‘ هو. اُن جي ڏيءَ، ڳوٺ ۾ اِسڪول جي پِر ۾ هڪ نار وهندو هئو؛ اُتي اَچي تصويرون ڪڍندي هئي. تڏهن پهريون پيرو منهنجو يوروپين ماڻهن سان واسطو پيو. مان پنجن سالن جي عمر ۾ اِسڪول ۾ وينو هوس ۽ پنج درجا سنڌي پاس ڪري ڏهن ورهين جي عمر ۾ وڌيڪ پڙهڻ قمبر ويس.

**جوَهراڻي: توهان پنهنجي تعليم جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائيندا ؟**

**سوڀو:** اَسان جي ’ٻَڳِي‘ يا ’ٻنڊي‘ ڳوٺن ۾ اِسڪول ئي ڪونہ هوندو هو. ان ڪري اَسين قمبر جي اي. وي. اسڪول ۾ پڙهڻ وياسين؛ ڇو جو اَسان جو ڏاڏو اُتان پڙهيل هو ۽ هُن جو شوق هئو تہ اَسان کي بورڊنگ هائوس ۾ رهائش ملي. اُن زماني ۾ تمام سٺا بورڊنگ هائوس هوندا هئا. سنڀال بہ سٺي ٿيندي هئي تہ کاڌو پيتو بہ سٺو ملندو هئو. قمبر ۾ چار سال رهي ڪري پوءِ مون پنجون ۽ ڇهون درجو اَنگريزي، لاڙڪاڻہ جي گورنمينٽ هاءِ اِسڪول ۾ اَچي پڙهيو.

لاڙڪاڻہ ۾ شري ڪرمچند هڱوراڻي، هڪ مشهور ايڊيوڪيشنسٽ هئو؛ جيڪو اُتي هيڊ ماستر هو. اُن جو مون سان تمام گهڻو پيار ٿي ويو. ڇو تہ مان بيحد Intelligent هوس، ٻيو تہ هوُ مونکي اِنگلش لٽريچر جا ڪتاب ڏيندو هئو، جيڪي پڻ مان پڙهندو هوس. اُهي ’چداڪاشي پنٿ‘ سان واسطو رکندڙ هوندا هئا، ويدانتي هئا. هن وٽ وويڪانند ۽ رامڪرشن جا ڪتاب پڻ هئا. جڏهن هوُ اُتان ويو

پئي، تہ مونکي چيائين، ”سويا! منهنجن پٽن مان هڪڙو تہ دنيچند ايڊيوڪيشن ۾ آهي، جيڪو پرائمري ڪاليج جي تعليم لاءِ ماستر تيار ڪندو آهي. ٻيو دهليءَ جي پوُسا اِنسٽيٽيوٽ ۾ Botanist آهي.“ مونکي چيائين، تہ ”توکي جيڪي بہ ڪتاب وڻن، سي ڪڍي وڃ! منهنجي ڪم جا ڪونهن. چو تہ مون پڙهي پورا ڪيا آهن.“ ائين هن تقريبا سڀ ڪتاب وويڪانند ۽ رامڪرشن جا مونکي ڏيئي ڇڏيا.

ميٽرڪ ڪانپوءِ جڏهن مونکي واندڪائي ملي تہ ٽي چار مهينا، جيستائين منهنجي رزلٽ اَچي؛ تيستائين مون اُهي سڀ ڪتاب پڙهي پورا ڪيا. مونکي اِنگلش لٽريچر سان گهڻو شوق هئو. ان ڪانپوءِ مون ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان اِنٽرميڊيٽ پاس ڪيو. اُتي ’سندر ساهتيہ‘ ۽ ’رتن ساهتيہ منڊل‘ طرفان تمام گهڻا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيندا هئا. ٽيگور، شرت چندر چٽرجي، سدرشن، پريم چند وغيره. مونکي پڙهڻ جو ايڏو شوق هو، جو اَسان کي سنڌي ڇهين درجي ۾ هڪڙو سبق هئو ’ڏسو تہ مان کهڙو نہ لَس پڙهي ٿو وڃان.‘ اُن دور کان وٺي مونکي ڪتابن پڙهڻ جو شوق هئو.

منهنجو هڪ دوست هئو ليکو تلسياڻي. ان چيو، تہ ”يار تون اين. جي. وي. اسڪول جي مئگزين لاءِ ٽيگور تي هڪڙو ليک لکي ڏي.“ جيڪو مون لکيو. مان ڀانيان ٿو تہ ١٩٣٦ع جي مئگزين ۾ اَجا تائين موجود آهي. ڇهين درجي ۾ مون ٽيگور جو ڪتاب ‘Tempest’ پڙهيو هئو؛ جنهن جو بنگاليءَ ۾ نالو آهي ’نوڪا ڊوُبي‘ يعني ’ٻيڙي ٻڏي‘. اُهو بعد ۾ سنڌيءَ ۾ بہ ’طوفاني رنگ‘ نالي سان ترجمو ٿيو هو، سو پڙهيو هوم. ان ۾ ڇا ٿو ٿئي، جو طوفان ٿو لڳي. ٻيڙين ۾ بہ نوان شادي ڪيل جوڙا آهن. طوفان جي ڪري ٻيڙيون ٻڏن ٿيون، ۽ انهن ۾ گهوٽ ڪنوار هڪ ٻئي سان بدلي ٿا ٿي وڃن. ڳالهيون ٻولهيون ڪندي گهوٽ کي خبر پوي ٿي تہ هيءَ ڇوڪري منهنجي اَصل زال ناهي؛ تڏهن هن ڏاڍي اَحترام ۽ پيار سان ڪيس پاڻ وٽ رکيو. هن کي سچ ڪونہ ٻڌايائين، پر سندس ڪوشش رهي تہ ڪيس پنهنجي ڏٽي سائينءَ وٽ پهچايان.

آخر هن پنهنجو وچن پاڙيو ۽ پاڻ هڪ برهمچاريءَ جيان پنهنجي زندگي گذارڻ لڳو. زال پريشان، تہ هيءُ منهنجي ويجهو ئي ڪونہ ٿو اچي، نہ ئي مون کان ڪو فائدو ٿو وٺي. اهو ڪتاب پڙهي منهنجي زندگي ۽ سوچ ۾ هڪ اَهڙو طوفان آيو تہ چو نہ اَهڙا بيا بہ ڪتاب پڙهجن!

ٽيگور جو هڪ ٻيو ڪتاب هئو ’چوکير بالي‘ معنيٰ ’اَک ۾ واريءَ جو داڻو‘. شرت چندر چيٽرجيءَ تہ تقريبا ٦٥ ڪتاب لکيا آهن؛ جيڪي مون سڀ پڙهيا آهن. اُهي سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل آهن.

**جوَهراڻي:** **اُنهن سيني ڪتابن جو ترجمو ٿيل آهي؟**

**سوڍو:** سيني جو! اُنهن ۾ وڏو ڀاءُ، وچون ڀاءُ ۽ ننڍو ڀاءُ هڪ ڪتاب ۾ ٽي Characters آهن. ٻيو آهي ’ٻوڙو ديدي‘ (وڏي ڀيڻ)، مِڇ ديدي (وچين ڀيڻ) ۽ ڇوٽو ديدي (ننڍي ڀيڻ). اِهي سڀ Characters ، ڪراچيءَ کان ڪلڪتي تائين هندو سماجڪ زندگيءَ بابت آهن.

**جوَهراڻي:** **اَسان ۾ سوٽن سان شادي ڪونہ ٿئي!**

**سوڍو:** اَسان ۾ سوٽِ، ماساتِ، ڦڦاتِ سڀ ڀينر آهن. ٻيو تہ اَسين گئو ماس نہ کائون. سنڌي هندو تہ سوئر بہ نہ کائيندا آهن. اَسين سنڌي Born Sikhs آهيون. گرونانڪ جا پوئلڳ. گرونانڪ هڪڙو صوفي اِنسان هو. جنهن جو هڪ چيلو ’ٻالو‘ هندو هئو ۽ ٻيو ’مردانو‘ مسلم. اُنهن جون جيونيون مان ننڍي هوندي کان ستسنگ ۾ ويجي ٻڌندو هوس. ڪتابن جو وري مون کي شوق ايڏو هو، جو مان گرمکي بہ سکيس! بورڊنگ هائوس ۾ صبح جو اَسان کي گهنڊ وڄائي اُٿاريو ويندو هو ۽ اُٿي صبح جو گرنٿ صاحب اُٿلائڻ ۽ شام جو سهلائڻ جو ڪم منهنجي ذمي هوندو هو.

**جوَهراڻي:** **ڇا اُنهن سيني ڪتابن پڙهڻ کانپوءِ توهان جو شانتي نڪيتن ڏانهن لاڙو ٿيو؟**

**سوڍو:** مونکي شانتي نڪيتن وڃڻ جو شوق ٿيو تہ جيئن ٽيگور کي وڃي ڏسان! اِنٽرميڊيٽ کانپوءِ ٻہ سال! شانتي نڪيتن ۾ ڦٽس اُتي مان ٻہ سال رهيس ۽ بي.اي. (آنرس) پوري ڪئي. مونکي ٽيگور

سان Introduce ڪرايو ويو. اَنيل چند، جيڪو هن جو پرسنل سيڪريٽري به هو ته اسان جو پرنسپال به هئو؛ اُن ڪيس ٻڌايو ته هيءُ ڇوڪرو سنڌ مان آيو آهي. تڏهن هُن مونکي ڪلي چيو ته ”سنڌ اَسان کي به شيون تمام سٺيون ڏنيون آهن. هڪ سنڌ جون نينگريون، جيڪي تمام سهٽيون آهن ۽ هتي اَچي ڇهه مهينا ڪن ڊانس سکي ويندريون آهن؛ ٻيو سنڌ جون ڳانيون! شانتيءَنڪيتن ۾ سنڌ جون ڳاڙهيون ڳانيون پاليندا آهيون.“

مزي جي ڳالهه اِها ته هُن جا جيڪي به منتظم Sen Brothers هئا؛ سي بعد ۾ ’World Food Organisation‘ جا هڪڙي پنياں Chief ٿي رهيا. اُتي شانتي نڪيتن ۾ ’Internationalism‘ هئي. اِنڊونيشي هئا، سيلوني هئا، آسٽريليائي هئا، جاپاني هئا ۽ چيني هئا. خاص ڪري اِنڊونيشيا جا جيڪي شاگرد هئا، اُهي مون سان Close هئا. ڪافي ويجهو ٿي ويا. چاڪاڻ جو اُهي منهنجا Room- Mates هئا. اَسان جي ڏاڍي سنگت ٿي ويئي. جهڙي طرح هتي اَنگريزن خلاف ڪانگريسي تحريڪ پئي هلي، اَهڙي طرح سوڪارنو واري وقت ۾ ’مسجومي پارٽي‘ هئي، جنهن کي اُتان جي مسلم ليگ چئجي. اُن مهل مونکي خبر ڪانه هئي ته اِنڊونيشيا ۾ رڳو ٻيٽ ئي ٻيٽ آهن. ٽيرهن هزار ٻيٽ آهن. اُهو بعد ۾ پتو پيو جڏهن ’سوڪارنو‘ Struggle ڪري جاپانين کي ڪڍيو ۽ اُنهن جو ڪميونسٽن سان به جهيڙو ٿيو. پهريون پهريون جيڪو اُتان جو ڪميونسٽ پرائيم منسٽر هئو، اُن کي ’مدوُن ٻيٽ‘ ۾ قيد ڪري ڪيس ڦاهيءَ چاڙهيو ويو. تنهن ڪانپوءِ وري ڪين مسجوميءَ ڪان بچڻ لاءِ يا Re-actionary مُلن ڪان بچڻ لاءِ ڪميونسٽن سان ناه ڪرڻو پيو. سوڪارنو جو آخري دور تمام تلخ آهي. چاڪاڻ جو گهڻي ڀاڱي Communist Leaders کي ماريو ويو. جيڪي بچيا، تن کي مختلف ٻيٽن ۾ تڙي پار ڪيو ويو.

**جوَهراڻي: توهان جڏهن آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ڀرو پئي ورتو، تڏهن ’ڀارت ڇوڙو‘ آندولن پئي هليو. ان ۾ اَوهان جو ڪهڙو يوگدان رهيو؟**

**سوڀو:** شانتي نڪيتن ۾ جڏهن پهريون Independence Day ملهايو ويو؛ اُن ۾ مونکي تقرير ڪرڻ لاءِ چيو ويو. اُهو Organize ئي مون ڪيو هئو. مون ٻڌو تہ اُن لاءِ ٽئگور جي بندش ڪيل آهي. مان Boy's Hostel جو واردن هوس. پرنسپال وٽ ويس ۽ ڪيس چيم تہ اسين 'Independence Day' ملهائڻ ٿا چاهيون. اُهو هڪ هفتو ٢٦ يا ٢٨ - ڊسمبر کان شروع ٿيندو آهي ۽ هن چيو تہ ٽئگور جي بندش پيل آهي. مون چيو:

''Gurudev or No Gurudev!We will celebrate the Independence Day''

چيائين: ”ٽئگور کي Defy ڪندين ۽ بغاوت ڪندين؟“

مون چيو : ”سائين! توهين ٽئگور سان ڳالهائي تہ ڏسو! “

هُن ٽئگور سان وڃي ڳالهايو، تہ 'Man From Mohan jo Daro' (اهو نالو مون تي اُن ڪانپوءِ ئي پيو) سخت رخ اختيار ڪيو آهي تہ Independence Day ملهايون.

ٽئگور چيو تہ ”بابا! مون تہ ڇوڪرن کي CID وارن کان بچائڻ لاءِ اِئين ڪيو آهي، نہ تہ تہ هنن جي زندگي زهر ڪري ڇڏيندا.“

حقيقت ۾ اُهو CID جو رڪارڊ بہ اُن ڏينهن کان وٺي شروع ٿيو، جڏهن 'Independence Day' ملهايو ويو. Independence Day ۾ ڪن بنگاليءَ ۾ تقرير ڪئي، ڪن هنديءَ ۾ تقرير ڪئي. ٻين پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهايو. ڪنهن اُردوءَ ۾ ڪئي. مونکي چيائون تہ تون انگريزيءَ ۾ تقرير ڪر. مون جڏهن انگريزيءَ ۾ ڳالهايو تہ سڀ جيڪي International Audience هئا، شاگرد هئا، ٻاهريان Visitors هئا؛ تمام گهڻا ماڻهو ٽئگور وٽ ايندا رهندا هئا؛ اُنهن چيو، تہ ”بابا اسان لاءِ باقي تہ ڊبي ۾ نڪريون هيون، سمجهہ ۾ صرف اها ئي تقرير آئي“. هنن منهنجي پٺي ٺپري. ڪجهہ آسٽريليا جون ماسترياڻيون هيون. هنن چيو تہ توکي انگريزيءَ جو تلفظ سڌارڻو پوندو. جيتوڻيڪ منهنجو لهجو بہ سٺو هئو، ڇو تہ مون گهڻو ئي انگلش لٽريچر پڙهيو هئو. اُن نموني منهنجي International Outlook بہ گهڻي وڌي.

**جوَهراڻي: شانتي نڪيتن مان موٽڻ ڪانپوءِ آزاديءَ جي آندولن ۾ توهان**

**ڪيترو ڀرو ورتو؟**

**سوڀو:** مان موٽي آيس. هتي اَچي ٿي هڪ Students' Movement هئي، جنهن جو سربراهه حشو ڪيولراماڻي هو. اُن سان منهنجي دوستي ٿي. هوُ مونکي سنڌ جي دوري تي وٺي هليو. چيائين، ''هھڙو ماڻهو تہ مونکي لنڊن ۾ بہ ڪونہ مليو. اَنگريزي بہ سٺي ڄاڻي ۽ هنن سيني ڇوڪرن سان لهہ و چڙه بہ سٺي رکيءَ اَٿس.'' 'Sindh Students' Union' جي سيني يونٽن سان ملايائين. ١٩٤٣ع ۾ پٽنا ۾ هڪڙي ميٽنگ هئي. ڪميونسٽ پارٽيءَ جي جيڪا Students' Union هئي، مان اُن جو بہ ميمبر هوس. اُتي هنن فيصلو ڪيو تہ اَسان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي پاليسي آهي Peoples'War؛ اُها Adopt ڪيون. مون چيو مان، تہ مان سنڌ ۾ موٽي ويندس؛ جيڪڏهن Majority سان اُن پاليسيءَ کي Accept ڪيو ويو تہ ٺيڪ آهي، نہ تہ مان 'Quit-India' تحرڪ جو ساٿ ڏيندس!

**جوَهراڻي: ڇا انهن هلچلن جي ڪري توهان کي ڪڏهن جيل ۾ بہ اُماڻيو ويو؟ جي ها تہ ڪيترا سال توهان جيل ۾ رهيا؟**

**سوڀو:** ڪل ڏه سال! جنهن مان چار سال مان پنهنجي ڳوٺ ۾ نظر بند رهيو آهيان.

**جوَهراڻي: جيل ۾ رهڻ وقت توهان سان ڪهڙو وهنوار پئي ڪيو ويو؟**

**سوڀو:** مون سان هميشهہ 'A' ڪلاس جو وهنوار ڪيو ويو. ڇاڪاڻ جو منهنجي تعليم کي ڏسندي جيل جا سپيئي آفيسر شروعات ۾ ئي Recommend ڪري موڪليندا هئا، تہ هن ماڻهوءَ کي 'C' ڪلاس ۾ رکڻ سان بغاوت ٿيندي؛ تنهن لاءِ هن کي 'A' ڪلاس ۾ رکيو وڃي.

**جوَهراڻي: اُن وقت توهان جا ٻيا ڪهڙا ساٿي هئا؟**

**سوڀو:** مون سان گڏ ٽن هزار شاگردن ١٩٤٢ع ۾ تحريڪ ۾ حصو ورتو.

**جوَهراڻي: اَوهان ان پوري گروپ کي Lead پئي ڪيو؟**

**سوڀو:** ها! سپيئي شاگرد حيران هئا تہ مون ڪميونسٽ ٿي ڪري بہ

کھڙي طرح ان تحريڪ کي Lead پئي ڪيو. سيني Unitedly مونکي Support ڪيو.

**جوَهراڻي:** **توهان 'Two Nation Theory' جي آڌار تي اُن ورهاڱي کي تسليم ڪيو. ڇا اِهو سڀ صحيح هئو؟**

**سوڀو:** دراَصل ڪميونسٽ پارٽيءَ ۱۹۴۰ع ۾ Resolution پاس ڪيو، جنهن موجب پاڪستان اَلڳ اَلڳ قومن جو مجموعو ٿيندو؛ جنهن ۾ اولھ پاڪستان جي مسلم ميجارٽي وارن علائقن کي پڻ جدا ڪري هڪ اَلڳ ملڪ ناهين. پر اُهو Democratic ملڪ ٿيندو. اُن ۾ لڏ پلاڻ جو تہ تصور ئي ڪونہ هو. اُن کي ڪميونسٽ پارٽيءَ Support ڪيو هو. پهرين اَسان کي اهو ڏوهه قبول ڪرڻ کپي. جيتوڻيڪ ڪيترا ئي ڪامريڊ ان کي ليپاپوتي ڪري ڍڪڻ چاهيندا آهن.

**جوَهراڻي:** **جڏهن اُها لڏپلاڻ ٿي تہ سيئي سنڌي هندو سنڌ ڇڏي پارت اَچڻ لڳا. توهان اُتي ئي رهڻ جو پڪو اِرادو ڪيو. اُن جو سبب؟**

**سوڀو:** مان اُن وقت جيل ۾ هوس. ۱۹۴۸ع ۾ مونکي پڪڙي جيل ۾ وڌو هئائون. مون سان گڏ ڇهہ ٻيا بہ ڪامريڊ هندو هئا. اُنهن کي هوريان هوريان ڪري ڇڏيو ويو. ڪيرت کي ڇڏيو ويو. عينشيءَ کي ڇڏيو ويو. گلاب ڀڳواناڻيءَ کي ڇڏيو ويو. پوهوءَ کي ڇڏيو ويو. اي. ڪي. هينگل بہ اسان جي پارٽيءَ ۾ هو. اُن چيو، تہ'' مون کي تہ ڪو Choice ئي ڪونهي. منهنجي زال ۽ ننڍڙا پُٽ آهن. مون کي چون ٿا تہ تون ملڪ ڇڏي وڃ نہ تہ اَسين توکي ڪونہ ڇڏينداسين!'' هن کي پڪڙي جهاز ۾ چاڙهي روانو ڪيائون.

**جوَهراڻي:** **اَسين اِهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا تہ اهو ورهاڱو ٽري پئي سگهيو يا نہ؟ يا اِها بدقسمتي اسان جي تقدير ۾ لکيل هئي؟**

**سوڀو:** حقيقت اِها آهي تہ پاڪستان ناهڻ جي رٿا جو بنياد اِنگلنڊ اَڳ ئي وجهي چڪو هئو. توهان کي خبر هوندي تہ هڪ اِسٽوڊنٽ هئو 'رحمت علي' آڪسفورڊ ۾، جنهن 'پاڪستان' جي اِسڪيم ڏني هئي. علامہ اِقبال بہ ان ئي قسم جي رٿ ڏني هئي.

**جوَهراڻي:** **توهان جو مطلب تہ آزاديءَ کان اَڳ ئي ورهاڱي جي رٿا ٿي چڪي هئي؟**

**سوڀو:** ١٩٣٠ع واري ڍاڪي ۾ ئي رحمت عليءَ جو قصو ٿيو ۽ ١٩٣٠ع واري ڍاڪي ۾ علامہ اِقبال اهڙو بيان ڏنو تہ ”هندو ۽ مسلمان بہ اَلڳ اَلڳ قومون آهن“. اهو ئي اِقبال، جنهن اَسان کي قومي ترانو ڏنو هئو:

ساري جهان سي اَڇا، هندوستان همارا
هندي هئن هم وطن هئہ، هندوستان همارا!

١٩٣١ع کانپوءِ جڏهن اَنگريزن کي هندوستان آزاد ڪرڻ لاءِ گانڌي جيءَ جي ليبڊرشپ ۾ گڏيل للڪار ٿي تہ اُن کانپوءِ اَنگريزن هندن-مسلمانن کي ويڙهائڻ جون رٿائون رٿيون. سوامي شرڌانند سرسوتيءَ کي مارايو ويو. هندن ۽ مسلمانن ۾ ڇڪتاڻ وڌندي رهي. ايتري قدر جو ڳوٺن ۾ بہ ڳالهہ وڌي ويئي.

لاڙڪاڻہ ۾ هڪڙي ڪانفرنس ٿي هئي، جنهن ۾ سنجوڳي بہ هئا. سنجوڳين کي نيم-مسلمان ڇيو ويندو هئو؛ ڇو جو اهي هندو تہ هئا، پر متئين درجي جا هندو ساڻن گهٽ درجي جو ورتاءُ ڪندا هئا. اها ڇڪتاڻ هلي تہ پنجاهہ ڳوٺن جي پنچايتن اِنڪار ڪيو، خود لاڙڪاڻہ ضلعي جي پنچايت جي مکيءَ بہ اِنڪار ڪيو تہ اَسين سنجوڳين کي هندن ۾ Accept نٿا ڪيون. اُن جو نتيجو اِهو ٿيو جو تمام گهڻا سنجوڳي مسلمان ٿي ويا.

١٩٣٠ع واري ڍاڪي ۾ Communal Award کانپوءِ اها ڇڪتاڻ وڌندي ئي رهي. ايڏي ڇڪتاڻ وڌي، جو ١٩٣٢ع ۾ محمدايوب کُهڙو صاحب جي ليبڊرشپ ۾ فساد بہ ڪرايا ويا.سوال صرف اهو ڪونہ هئو تہ ١٩٤٤ع کان ١٩٤٧ع ۾جيڪي ڪجهہ ٿيو، ان کي ٺاري سگهجي ها يا نہ! اهو شايد اٽٽر هئو. ڇو تہ اَنگريز اَڳي ئي اِهو طئہ ڪري چڪا هئا، تہ ‘Divide and Quit’.

هر ڪنهن ملڪ ۾ جتي بہ اَنگريز ويا آهن،اُتي اها ئي پاليسي اَپنائي اَٿائون. اُتي بہ ‘Catholic Separatists’ جي وچ ۾ ست سؤ ورهين کان لڙائي هلندي آئي آهي. جيتوڻيڪ اَڄ هنن ان

پاليسيءَ کي ڇڏي ڏنو آهي؛ پر تاريخ ۾ جيڪي زخم ٿين ٿا، اهي پنهنجا نشان ڇڏي ٿا وڃن!

پاڪستان جي رٿا جو Immediate Cause هو اَٽلي صاحب جو فيصلو، تہ اَسين هندوستان ڇڏيون ٿا! اُهو 'Navy' جي بغاوت ڪانپوءِ ٿيو! اُن ۾ بہ اَسان جو سرگرم حصو هئو. اَسان اُنهن کي Support ڪيو هئو. بامبي ۾ اها بغاوت ٿي هئي ۽ اَسان کي ڪراچيءَ ۾ جڏهن خبر پيئي تہ اسان اُنهن جي Support ۾ General Strike ڪرايو هئو. جنهن جي نيتجي ۾ پهريون دفعو هڪ گڏيل Demonstration ٿيو، جنهن ۾ هندو ۽ مسلمان گڏ هئا. اُن فساد ۾ ملٽريءَ وارن يارهن ماڻهن کي قتل ڪيو هئو.

هڪ سهروردي ۽ ٻيو جواهرلال نهرو؛ اِهي بہ ماڻهو آهن، جن کي پاڪستان جي وجود ۾ اَچڻ لاءِ سڌو سنئون ذميوار ڇئي سگهجي ٿو! ١٩٤٧ع ڪانپوءِ جيڪي فساد ٿيا، اُنهن لاءِ سهروردي تہ سڌو سنئون ذميوار آهي. سهروردي، ڪلڪتي ۾ Chief Minister هو. ڪلڪتي ۾ Back Gallies ۾ فساد ٿيا. پهرين هندن کي قتل ڪيو ويو. جڏهن جناح ١ جولاءِ ١٩٤٦ع ۾ Call ڏنو تہ اِسٽرائيڪ ڪيو؛ ڇاڪاڻ تہ اَنگريز پاڪستان نٿا ڏين! تڏهن فساد ٿيا هئا!

تہ ڇا ٿيو! هڪ نيشنلسٽ مسلم پنهنجو دوڪان بند ڪرڻ کان اِنڪار ڪيو. مسلمانن اُن کي ماريو بہ . هنن هندن جا دوڪان بہ لٽيا. اُن جي نتيجي ۾ ڇا ٿيو تہ سکن جي وڏي تعداد، جيڪي ٽيڪسي ڊرائيوار هئا ڪلڪتي ۾،تن مارا ماري ڪئي ۽ ٻن ٽن ڏينهن اَندر پنج هزار مسلمانن جي لاشن سان Back Gally ڀرجي ويئي ....

اُن جو بدلو وري نواکاليءَ ۾ ورتو ويو. هڪ سلسلو شروع ٿي ويو. تنهن ڪانپوءِ ناه ٿيو. جنهن لاءِ پنڊت نهرو، بمبئي ۾ Speech ڪندي چيو، تہ هڪ Constituent Assembly ٿيندي، جنهن ۾ پاڪستان بہ ٿيندو ۽ هندوستان بہ ٿيندو! اها اَسيمبلي ميجارٽيءَ سان پنهنجا رولس بدلائي سگهي ٿي. اُن تي جناح سخت چڙي ويو. هن سمجهيو تہ هيءُ جواهرلال نهرو Back Siding ڪري رهيو آهي. هُن چيو تہ ”مون کي پاڪستان کان گهٽ ڪا شيءِ نہ کپي!“

**جوَهراڻي:** **سمورن دنگن فسادن ۾ ڪنهنجو وڌيڪ نقصان ٿيو؟ هندن جو يا مسلمانن جو؟**

**سوڀو:** اهو چوڻ مشڪل آهي. خود اَسان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ اَندر به Rift پئجي ويئي. اَسان جو هڪڙو اُستاد هئو Karwani؛ جيڪو ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ اُستاد به هئو ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر به هئو. اُن چيو ته ڪميونسٽ، مسلمانن جي طرفداري ڪري رهيا آهن ۽ هندن کي ڏيکارين ٿا ته مسلمان Aggressors آهن. Aggressor ڪير به هجي؛ پر هندو يا مسلمان اِنسانن جو ڪسجڻ بلڪل غلط آهي! اَسان اِها ڪوشش ڪئي ته پنهنجي Unions کي محفوظ رکون. پر ڳالهه اَسان کان چڙهي چڪي هئي. هڪڙي ڏينهن مان ۽ منهنجو هڪ ڪامريڊ؛ ايم. اي. ايس. (يونين جو آءٌ پريزيڊنٽ هوس ۽ هوُ سيڪريٽري هئو)؛ اسين وياسين ته پتو پيو ته سيني سکن کي Mandate اَچي چڪو هئو ته پنجاب ڇڏي ڀڄي وڃن، ڇو ته ڪين قتل ڪرڻ جو منصوبو رٿيو ويو هئو.

مان توهان کي هڪڙي ڳالهه ٻڌايان، ته مون تي هن وقت به هڪ ڪيس هلي رهيو آهي. جڏهن مون اُن ڳالهه کي Refer ڪيو ته پاڪستان ٺهيو ئي پنجابين ڪاڻ هو ۽ ڇاڪاڻ ته ٻڄهي فوجين لاءِ، جيڪي Demobilized Soldiers هئا. ٻي عظيم جنگ ۾ پنجاب جا تقريبا پنجويه لک سپاهي Demobilize ٿيا . هندوستاني مسلمانن جي ڪل ٽيه لک فوج هئي؛ جنهن مان پنجويه لک پنجاب جا هئا. اُنهن کي هڪ وطن ٺاهي ڏيڻو هئو؛ ڇو ته پندرهن -سورهن ايڪڙ زمين هرهڪ فوجيءَ کي ڏيڻي هُئن. اها ڏيڻ لاءِ اُتان جي سکن ۽ هندن کي لوڌيو ويو. اُن جي نتيجي ۾ ڇا ٿيو ته اوپر پنجاب مان مسلمانن کي تڙيو ويو.

انهن فسادن لاءِ ڪنهن به هڪ قوم کي ڏوه نٿو ڏيئي سگهجي. اُن جي پنيان اَنگريزن جي مراد اَچ ۾ ئي هئي. مثلا: چرچل، جنرل بُچر؛ جيڪو ان وقت Eastern Command جو G.O.C. هئو؛ تنهن کان پوءِ هو پاڪستاني فوج جو به سربراه ٿيو. اُن کان پڇيو ويو، ته

How many lives does it require to re-conquer India?

هن چيو تہ : Last drop of British Military will not save India!

يعني فساد ايڏا وڌي چڪا هئا، جو اُنهن کي بند ڪرڻ ناممڪن هو. ماڻهو، ماڻهوءَ جي خون جو پياسو هئو. لاهور ۾ جيڪا خونريزي ٿي، اُن بابت سعادت حسن منٽو ۽ ڪرشن چندر جيڪي ڪجهہ لکيو آهي، اها خود هڪڙي تاريخ آهي.

ان جو نتيجو اِهو ٿيو تہ جيڪو پاڪستان ۾ حصو آيو، اُن جا سِکَ جيڪي محنت ڪندڙ هئا، جن رنجيت سنگهہ جي زماني ۾ دوآبي زمين آباد ڪئي هئي، اُهي سڀ لوڏجي East - Punjab ۾ ويا. اُهو فائدو هندوستان کي ٿيو. جهڙي طرح سنڌ مان پڙهيل ڳڙهيل طبقو لڏڻ سان هندوستان کي ئي فائدو ٿيو ۽ پاڪستان کي اُن مان نقصان ئي ٿيو، ڇو تہ سنڌ جو پڙهيل ڳڙهيل طبقو گهڻي ڀاڱي هندو ئي هئو.

هوڏانهن ورڪنگ ڪلاس جا فوجي ۽ Retired فوجي، جيڪي ٽئنڪ سان گڏ ٽرئڪٽر بہ هلائي ڄاڻندا هئا. اُنهن هندستان ۾ East Punjab کي هڪ خوشحال علائقو بڻائي ڇڏيو، ۽ اُهي اُتي پاڪستان ۾ پينگ ڪري آيا ۽ ان ڪري اولهہ پاڪستان ۾ ١٩٥٣ع ۾ اَناج جي اڻاٺ ٿي پيئي. ان جو سبب اُهو ئي هئو تہ جيڪي سنا هاري هئا، سي گهڻي ڀاڱي سِکَ هئا، جن کي پاڪستان ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هو.

**جوَهراڻي:** **پر مان ڀانيان ٿو تہ سڀ سنڌي ڌنڌڄي ۽ هٿين خالي آيا؟ ڇا اها بدقسمتي ناهي؟**

**سوڀو:** برابر! پر هنن هتي سخت محنت ڪري پاڻ کي ٿانئيڪو ڪيو. اُن ۾ ڪو شڪ ئي ڪونهي تہ سنڌين وانگر سکن پڻ East Punjab ۾ پورهيو ڪيو.

**جوَهراڻي:** **توهين اَجا تائين سنڌ ۾ رهو ٿا. اُتي سنڌي هندن ۽ مسلمانن ۾ ساڳي ئي ورهاڱي کان اَڳ واري سِڪ محبت آهي؟**

**سوڀو:** سنڌي هندن کي مارڻ ۾ تہ سنڌي مسلمانن جو ڪو حصو ئي ڪونہ هو. گهڻي ڀاڱي فساد شهرن ۾ ٿيا. اُهي مهاجرن ڪيا، جيڪي

هتان هندستان مان لوڏجي آيا هئا. هاڻ سنڌي مسلمانن جي، سنڌي هندن سان اِن ڪري محبت آهي، جو هوءُ سمجهن ٿا تہ هندوستان مان آيل پنجابي ۽ مهاجر هنن کي کائي ويندا!

**جوَهراڻي: اِن ڏِپ ۾ ٿا گڏ رهن يا سچ پچ پاڻ ۾ محبت اَٿن؟**

**سوڀو:** محبت اِن لحاظ کان اَٿن تہ پڙهيل ڳڙهيل مسلمانن محسوس ڪرڻ شروع ڪيو آهي تہ بنسبت مهاجرن جي هندو هنن کي وڌيڪ ويجهو هئا؛ ڇو جو مهاجر اَڄا تائين بہ حڪومت ڪرڻ جا خواب پيا ڏسن! سنڌ ۾ هن وقت بہ مهاجرن جي حڪومت آهي. انهن پنجابين سان Alliance ڪيو آهي.

**جوَهراڻي: سنڌ مان پڙهيل ڳڙهيل طبقي جي لڏڻ سان ڇا سنڌ ۾ اَدب جي ميدان ۾ ڪوئي خال پيدا ٿيو آهي؟**

**سوڀو:** اِهو سچ آهي! ڪوٺ پيدا ٿي. پر هِتان جيڪي 'نئين دنيا' يا ڪجهہ ٻيا اَهڙا رسالا نڪرڻ شروع ٿيا، اُنهن اَسان کي Inspire ڪيو. ١٩٥٥ع ۾ 'مهراڻ' جيڪو محمدابراهيم جويو جي ليڊرشپ ۾ نڪرندو هو! مان سمجهان ٿو تہ اهو سچي دنيا ۾ واحد سنڌي رسالو آهي، جنهن کي Error - Free چئي سگهجي ٿو.

**جوَهراڻي: اَڄ اُتي نئين پيڙهيءَ کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيترو پيار آهي؟**

**سوڀو:** تمام سٺي ٻولي لکن پڙهن ٿا.

**جوَهراڻي: اَسين هت KTN ٽي وي چينل تي ڏسون ٿا تہ اُتان جا نوجوان سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جا غلط اُچار پيا ڪن!**

**سوڀو:** ڪجهہ اُردوءَ جو اَثر اُنهن تي پيو آهي. ممڪن آهي تہ وڌيڪ ماڻهن کي متاثر ڪرڻ لاءِ اِئين ٿيو هجي. پر KTN وارن جي 'ڪاوش' اَخبار ۾ تمام سٺي سنڌي لکي ٿي وڃي. بهترين لکندڙ آهن. ڪالم نگار آهن.

**جوَهراڻي: سنڌي اَديبن پنهنجي قلم سان سماج ۾ ڪا سجاڳي آندي آهي؟**

**سوڀو:** سنڌي اَديبن وڏو رول اَدا ڪيو آهي. 'Sindhi Nationalism' جي

اُپارڻ ۾ هنن وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. جيل سَنا آهن. ان تحريڪ ۾ جي. ايم. سيد جو به وڏو رول رهيو آهي.

**جوَهراڻي:** **اسان ٻڌو آهي ته جڏهن جڏهن پاڪستان ۽ هندوستان جي لڙائي لڳي آهي ته اُن وقت اُتي هندن کي ڪٽي جيل ۾ اُماڻيندا آهن! ڇا اهو صحيح آهي؟**

**سوڀو:** ها! خود مون کي ١٩٦٥ع ۾ جيل ۾ وڌائون. پهريون دفعو مونکي واڻيو (هندو) ڇئي جيل ۾ وڌو ويو. اُن کان اَڳ ١٩٤٨ع کان وٺي جڏهن به مونکي ٽي چار دفعا گرفتار ڪيو هئائون، ته لکندا هئا ته:

Charge Sheet against you,
that you are a brain behind the Communist Party!

هيءَ پهريون دفعو ١٩٦٥ع ۾ هڪ جاهل S.P. ۽ مون تي چارج لڳائي، ته تون واڻيو (هندو) آهين، تنهن ڪري توکي جيل ۾ ٿا اُماڻيون.

**جوَهراڻي:** **سِنڌ ۾ پنهنجا ويچار اِظهار ڪرڻ تي ڪا بندش آهي؟**

**سوڀو:** نه! نه ! ٿورو اَحتياط سان ڳالهائڻو پوندو آهي. باقي ڪا بندش ڪانهي. هاڻي پرويز مشرف جي دور ۾ ته ڪابه رڪاوٽ ڪانهي.

**جوَهراڻي:** **اَڄ جي اَنتر راشٽريه ماحول ۾ سنڌ جي سنڌين ۽ هند جي سنڌين کي ڪهڙي نموني جوڙجي؟**

**سوڀو:** منهنجو خيال آهي ته هيءُ جيڪو اَڄ وچ جو سلسلو شروع ٿيو آهي. ان جو تمام سنو اَثر پوڻ گهرجي. هتي سنڌي اَديب آيا، ته اُنهن جي سني آجيان ٿي ۽ جيڪي هتان سنڌي اَديب اوڏانهن ويا، اُنهن کي تمام سني عزت ملي. باوجود اُنهيءَ جي ته سلامتيءَ جي بهاني هنن کي عام طرح سان ملڻ نه ڏنو ويو. پارتيه سنڌي جڏهن لاڙڪاڻي ۾ آيا ته سيني کي هوٽل ۾ لاٿو ويو. صبح جو مون کي سندر اَگناڻيءَ اَچي ٻڌايو، ته اَسان کي ملڻ ڪونه ٿا ڏين. توهان هلي هنن سان ملو! مون چاهيو پئي ته هو گهر اَچن. منهنجي ته هڪ ٻانهن به تڏهن پڳل هئي. اُن پڳل ٻانهن هوندي به مان ڪار ۾ چڙهي هنن سان ملڻ ويس. سيني چاهيو پئي ته وڌيڪ ڳالهيون ڪيون. پر وقت جي پابندي ڪرڻي ٿي پيئي. هنن کي ٻين گهڻن هنڌ پهچڻو هو. چاڪاڻ جو وڏو پروگرام رٿيل هو ۽

هر اَديب پنهنجو ڳوٺ ۽ پنهنجو گهر ڏسڻ ٿئي چاهيو.

**جوَهراڻي:** **هن وقت پاڪستان ۾ قاعدي قانون جو ڪهڙو حال آهي. ڇا اڃا تائين Kidnapping جا واقعا ٿين ٿا؟**

**سوڀو:** Kidnapping ڪن ٿا پيا! سيٺ سنتوش ڪمار، لاڙڪاڻه ضلع پنچايت جو ڪاريه ڪرتا ۽ زميندار ويجهڙائيءَ ۾ اَغوا ڪيو ويو هئو. ان کي ٻه مان پانيان ٿو ته ڇهه ست لک روپيه ڏيئي ڇڏايو اَٿائون!

**جوَهراڻي:** **اَهڙي ڀوسٽ واري ماحول ۾ توهين ڪيئن ٿا رهو؟**

**سوڀو:** ڇاڪاڻ جو اَسان کي هن وقت پاڪستان مان لڏي اَچي هندوستان ۾ پير کوڙڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي! ممڪن آهي ته جن جا مت مائٽ اَڳيئي ڪٿي ٺاٺيڪا ٿيا آهن، سي ڪو سهارو ڏين. هت ٻه وٺ وٺان آهي. هت ٻه نفسانفسيءَ جو عالم آهي. ڪير ڪنهن کي سهارو ڏيندو!

**جوَهراڻي:** **هتي توهان جا سڀ پنهنجا آهن. آخر ۾ مان چاهيان ٿو ته جيڪي توهان سان اُتي هم وطني هئا؛ جن توهان سان تحريڪ ۾ بهرو ورتو، اُنهن سيني کي اَوهين ڪهڙو پيغام ڏيڻ چاهيندا؟**

**سوڀو:** سنڌي ٻوليءَ کي نه ڇڏيو ۽ اَسان کي پنهنجو سهارو ڏيو! اَسان کي پنهنجو پيار ڏيو! اَسين جيڪي ٻه سنڌ ۾ وينا آهيون، هندو توڙي مسلمان؛ چاهيون ٿا ته توهان سان اسان جو رشتو قائم رهي. هيءُ جيڪو حڪومتن جي وچ ۾ رشتو شروع ٿيو آهي، مان اُن کي صرف هڪ ڏيکاءُ ٿي چوندس. ڇو ته اَڃا تائين ڪا ڳالهه طئه ڪانه ٿي آهي!

**جوَهراڻي:** **تمام سٺي شروعات ٿي چڪي آهي. هتان جا اَديب اُتي وڃن ٿا؛ اُتان جا اَديب هتي اَچن ٿا. توهان جي وڏي مهرباني! توهان آزاديءَ جي تحريڪ جي دور جي ڄاڻ ڏني ۽ پنهنجا ويچار پيش ڪيا.**

**سوڀو:** مهرباني! توهان هندستان جي سنڌي پائرن جي اَڳيان مون کي پنهنجا ويچار رکڻ جو موقعو ڏنو!